SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 2009

# SINDH ACT NO.II OF 2009

# سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) ايڪٽ، 2008

# THE SINDH WILDLIFE PROTECTION (AMENDMENT) ACT, 2008

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 17 جي ترميم
Amendment of Section 17 of Sindh Ordinance V of 1972

3. 1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 33 جي ترميم
Amendment of Section 33 of Sindh Ordinance V of 1972

# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريہ 2009
# SINDH ACT NO.II OF 2009
## سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) ايڪٽ، 2008
## THE SINDH WILDLIFE PROTECTION (AMENDMENT) ACT, 2008

[29 جنوري 2009]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛ ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) ايڪٽ، 2008 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 17 جي ترميم
Amendment of Section 17 of Sindh Ordinance V of 1972

2. سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 17 ۾، ذيلي دفعہ (1-A) لاءِ، هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(1-A) جيستائين ڪجهہ ذيلي دفعہ (1) جي گنجائشن جي متضاد نہ هجي، جيڪو بہ غير قانوني طور شڪار ڪندو:

(i)سهي جو شڪار ڪندو ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي اهڙي عرصي لاءِ جيڪو هڪ مهيني کان گهٽ نہ هوندو يا ڇهہ مهينن کان وڌيڪ ۽ ڏنڊ جيڪو هڪ سئو پنجاهہ هزار رپين تائين هوندو، پر هڪ سئو هزار رپين کان گهٽ نہ

هوندو؛

(ii) هرڻ ۽ پالتو هرڻ يا ڦاڙهي جو شڪار ڪندو ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي، جيڪا ٻن مهينن کان گهٽ نہ هوندي يا ٻارنهن مهينن کان وڌيڪ ۽ ڏنڊ جيڪو ٻہ سئو هزار رپين تائين هوندو پر هڪ سئو پنجاهہ هزار رپين کان گهٽ نہ هوندو؛

(iii) جابلو ٻڪر يا جهنگلي ٻڪري ۽ يوريل يا جهنگلي رڍ جو شڪار ڪندو ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي جيڪا ٻن مهينن کان گهٽ نہ هوندي يا ٻارنهن مهينن کان وڌيڪ ۽ ڏنڊ چار سئو هزار رپين تائين پر ٽي سئو هزار رپين کان گهٽ نہ هوندو؛ ۽

(iv) جيڪو گيم اينيمل جهڙوڪ تتر، پٽ تتر ۽ آبي پکين جو شڪار ڪندو ان کي هر گيم اينيمل لاءِ قيد جي سزا جيڪا پندرنهن ڏينهن کان گهٽ نہ هوندي يا ٽن مهينن کان وڌيڪ ۽ ڏنڊ جيڪو هڪ هزار رپين تائين هوندو پر ٻہ سئو پنجاهہ رپين کان گهٽ نہ هوندو.

1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 33 جي ترميم
Amendment of Section 33 of Sindh Ordinance V of 1972

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 33 جي ذيلي دفعہ (3) ۾، لفظن "پندرنهن هزار" لاءِ لفظ "پنجاهہ هزار" متبادل ٿيندا.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**